اسلام آباد (بيورو رپورٽ)

# ڊاڪٽر صفدر سرڪي گڏاڻي ڪان زوب جيل منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلوچستان حڪومت ڪيترن ئي مهينن جي حراست بعد ڏماڪيدار مادي جي ڪيس ۾ ظاهر ڪيل جيئي سنڌ قومي محاذ جي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر صفدر سرڪي کي گڏاڻي جيل مان زوب جيل منتقل ڪري ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر صفدر سرڪي کي 2 ڏينهن اڳ گڏاڻي جيل مان نيو ويو هو، جيڪو 36 ڪلاڪن جي سفر ڪانپوءِ زوب پهتو آهي، ان ڏس ۾ سندس وڪيل محمد خان شيخ ڪاوش کي ٻڌايو ته ڊاڪٽر صفدر سرڪي 36 ڪلاڪن جي سفر ڪانپوءِ ڪالهه سينٽرل جيل زوب پهچي ويو آهي، جنهن کي 2 ڏينهن اڳ گڏاڻي جيل مان نيو ويو هو. هن ٻڌايو ته ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج لسٻيلو حب جي عدالت جيل اختيارين کي ڊاڪٽر صفدر سرڪي جي علاج جو حڪم ڏنو هو، پر ان باوجود جيل اختيارين پاران ڊاڪٽر صفدر سرڪي کي علاج جي ڪابه سهولت مهيا نه ڪئي وئي آهي. هن ٻڌايو ته ڪيترن ئي مهينن جي حراست دوران سخت بيمار ٿي پيو هو، جنهن جو علاج لازمي آهي ۽ ان ڪري ئي عدالت سندس علاج جو حڪم ڏنو هو. هن چيو ته عدالت جي حڪم باوجود صفدر جو نه علاج ڪرايو ويو نه ئي ملاقات ڪولي وئي، ويتر ڪيس لڪ چوري ۾ زوب جيل منتقل ڪري ڪيس مارڻ جي سازش ڪئي وئي آهي، وڪيل محمد خان شيخ ملير جي صحافين سان ڳالهائيندي هن چيو ته علاج نه ڪرائڻ سبب ڊاڪٽر صفدر سرڪي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٿي وئي آهي، سندس ڪلهن ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي، نظر بلڪل ختم ٿي وئي آهي ۽ هلڻ کان به لاچار آهي، هوڏانهن جسقم چيئرمين بشير خان قريشي صفدر سرڪي کي گڏاڻي جيل حب کان زوب منتقل ڪرڻ خلاف سخت رد عمل ڪندي چيو آهي ته ايجنسيون ڊاڪٽر صفدر سرڪي کي مارڻ چاهين ٿيون. صفدر سرڪي مٿان سمورا ڪيس ڪوڙا آهن، اسين صفدر سرڪي جي زوب جيل منتقلي خلاف سخت احتجاج ڪنداسين. ٻئي پاسي جسقم آرگنائيزنگ ڪاميٽي جي مرڪزي اڳواڻن سرائي قربان ڪهاوڙ، رياض چانڊيو، ذوالفقار ڪولاچي چيو آهي ته ڊاڪٽر صفدر سرڪي سنڌي قوم جو بهادر اڳواڻ آهي، حڪومت ڪيس ٽارچر ڪري مارڻ چاهي ٿي. ياد رهي ته ڊاڪٽر صفدر سرڪي خلاف داخل ڪيل ڏماڪيدار مادو رکڻ ۽ غير قانوني هٿيارن واري ڪيسن جي ٻڌڻي 13 نومبر تي حب جي عدالت ۾ ٿيڻي آهي پر ڊاڪٽر صفدر سرڪي جي زوب جيل منتقلي سبب ڪيس ڇاٽايل ٻڌڻي تي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو امڪان ناهي.




**The Kawish Group of Publication**
B/2 Civil Line Hyderabad,Sindh Pakistan.
Phone:+92 (22) 2780026,2780027,2780525 Fax: +92 (22) 2780772, 2781167
Email: kawish12@yahoo.com info@dailykawish.com